هفتيوار رسالو

امير اهلِ سُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ملفوظات جو تحريري گلدستو بنام

# عِلمِ دين

## جي باري ۾ 22 سوال جواب

(سنڌي)



- علم دين ڪيترو اچڻ گهرجي؟
- علم دين ڪنهن کان حاصل ڪيون؟
- گهٽ وقت ۾ وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ جو طريقو
- ڇا جنت ۾ به علم ۾ اضافو ٿيندو؟


شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه و مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه



پيشڪش: المدينة العلمية (دعوتِ اسلامي)
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڱيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي چڱيو)

رسالي جو نالو: **اميرِ اهل سنت کان علمِ دين جي باري ۾ 22 سوال جواب**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي


**مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
# مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

## جي ملفوظات جو تحريري گلدستو بنام

# اميرِ اهلسنّت کان علمِ دين جي باري ۾ 22 سوال جواب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اميرِ اهلسنّت کان علمِ دين جي باري ۾ 22 سوال جواب

دعاءِ خليفهءِ اميرِ اهلِ سنّت: ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو **”اميرِ اهلسنّت کان علمِ دين جي باري ۾ 22 سوال جواب“** پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي علم دين حاصل ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ڪري والدين سميت بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم: جيڪو شخص محبت ۽ شوق جي ڪري ڏينهن ۽ رات ۾ ٽي ٽي دفعا مون تي درود پاڪ پڙهي، الله پاڪ تي حق آهي تہ ان جا ان ڏينهن ۽ ان رات جا گناهہ معاف ڪري ڇڏي.

(معجم کبير، 18/ 362، حديث:928)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

سوال: علمِ دين ڇا کي چئبو آهي؟ ڇا صرف نماز روزي جو علم ئي

علمِ دين آهي؟

جواب: علم جو مطلب آهي: ڄاڻڻ، معلوم هجڻ. نماز ۽ روزي جو علم بہ بيشڪ علمِ دين آهي، پر ان کان علاوه بہ گهڻيون شيون علمِ دين ۾ شامل آهن. علمِ دين ۾ تمام گهڻي وسعت آهي ۽ اهو ايترو وسيع آهي جو سڄو علم تہ ڪو بہ حاصل ڪري ئي نٿو سگهي. سڀني کان وڏي علم واري ذات الله پاڪ جي آهي، جنهن کي ڪنهن بہ علم ناهي ڏنو، هو پنهنجو پاڻ عالِم آهي. پوءِ ان جي ڏنل علم سان ان جي مخلوق ۾ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کان وٺي قيامت تائين لاءِ سڀ کان وڏا عالمِ دين، حضور رحمت للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. هر نبي عالمِ دين هوندو آهي ۽ پنهنجي اُمت ۾ سڀني کان وڏو عالم اهو ئي هوندو آهي. هن وقت جا نبي، منهنجا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀني کان وڏا عالم آهن. ائين علمِ دين جي وسعت ۽ گهرائي تمام گهڻي آهي، انهيءَ ڪري جيڪو جيترو وڌيڪ علمِ دين حاصل ڪري سگهي ان کي حاصل ڪرڻ گهرجي. (ملفوظات امير اهل سنت، 271/5)

سوال: تعليم حاصل ڪرڻ هر مرد ۽ عورت تي فرض آهي. مهرباني ڪري اها رهنمائي ڪريو تہ ڪيترو علم حاصل ڪرڻ ضروري آهي؟

جواب: "طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيْضَةٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ"يعني هر مسلمان تي علم حاصل ڪرڻ فرض آهي.[1] لفظ "تعليم" تي ماٿهو ٿورو اڳتي پوئتي

---

[1] ابن ماجه، 146/1، حديث:224

ٿي ويندو آهي ۽ تعليم مان مراد عام طور اسڪول وغيره جي تعليم ورتي ويندي آهي، جڏهن ته هن حديث ۾ اسڪول يا ڪاليج جي تعليم مراد نہ آهي[1]. ڪجھ ماڻهو اهڙي طرح جي حديثن ذريعي پنهنجا اسڪول، ڪاليج ۽ دنياوي تعليمي ادارا هلائي رهيا هوندا آهن، توبہ! استغفرالله. حديث پاڪ مان پنهنجي اٽڪل جي ذريعي استدلال ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وڃڻ وارو ڪم آهي. [2] صرف محدثين علماءِ ڪرام اسان کي ان جو صحيح مطلب ٻڌائي سگھن ٿا. بهرحال! اعلیٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن حديث پاڪ جي "فتاویٰ رضويہ" ۾ تفصيلي طور شرح فرمائي آهي جنهن جو خلاصو ڪجھ هن طرح آهي تہ "هر مسلمان تي فرض علوم ڄاڻڻ ضروري آهي، جيئن ئي ڪو بالغ ٿيو تہ ان تي نماز فرض ٿي وئي، هاڻي ان تي نماز جا ضروري مسئلا ڄاڻڻ بہ فرض ٿي ويا، اهڙي طرح جڏهن رمضان آيو تہ جنهن تي روزو فرض آهي، ان تي رمضان جا ضروري مسئلا ڄاڻڻ بہ فرض ٿي ويا. اهڙي طرح تاجر (Businessman) تي تجارت جا، گراهڪ تي خريداري جا، نوڪر تي نوڪريءَ جا، جنهن تي زڪوات فرض آهي، ان تي زڪوات جا ۽ جنهن کي شادي ڪرڻي آهي، ان تي نڪاح ۽ طلاق جا ضروري مسئلا ڄاڻڻ فرض آهن[3].

---

[1] فتاویٰ رضويہ، 623/23

[2] فيض القدير، 172/1، تحت الحديث:133ماخوذاً

[3] فتاویٰ رضويہ، 623/23-626مفهوماً

سوال: علمِ دين ڪيترو اچڻ گهرجي؟

جواب: سڀ کان پهريان پنهنجن عقيدن کان واقف هجڻ ضروري آهي. ان کان علاوه گناهن جي ڄاڻ هجڻ فرض آهي، باطني بيماريون، جيئن تڪبر، حسد، ريا وغيره، جن کي "مهلڪات" چيو ويندو آهي، انهن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ به ضروري آهي. ان لاءِ "باطني بيمارين جي معلومات" ۽ "نجات ڏيارڻ وارن عملن جي معلومات" هي ٻئي ڪتاب مڪتبةالمدينہ کان حاصل ڪري پڙهڻ تمام ضروري آهي.

(ملفوظات امير اہل سنت ، 119/7)

سوال: وقت هجڻ باوجود علمِ دين حاصل نہ ڪرڻ وارن جي باري ۾ توهان ڇا ٿا فرمايو؟

جواب: وقت هجڻ باوجود علمِ دين حاصل نہ ڪرڻ تمام وڏي محرومي جي ڳالهه آهي. قيامت جي ڏينهن اهڙي شخص کي سيني کان وڌيڪ حسرت ٿيندي، جيئن تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: قيامت جي ڏينهن سيني کان وڌيڪ حسرت ان شخص کي ٿيندي جنهن کي دنيا ۾ علم حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو پر ان حاصل نہ ڪيو ۽ ان شخص کي بہ ٿيندي جنهن علم حاصل ڪيو ۽ ٻين تہ ان کان ٻڌي فائدو ورتو پر هن پاڻ فائدو نہ ورتو (يعني ان علم تي عمل نہ ڪيو). (تاريخ ابن عساکر، 137/51) الحمدللہ! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ علمِ دين حاصل ڪرڻ جا بي شمار موقعا ملندا رهندا آهن ۽ وقتاً فوقتاً مختلف ڪورسن جو بہ سلسلو هلندو رهندو

آهي. لهٰذا سيني اسلامي ڀائرن کي گهرجي ته اهي انهن ڪورسن ۾ داخلا وٺن. اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! علمِ دين سکڻ ۽ سيکارڻ ۽ ان تي عمل جو جذبو نصيب ٿيندو. (ملفوظات امير اهل سنت، 183/1، 184)

سوال: اسان جي معاشري ۾ ديني تعليم حاصل ڪرڻ وارن شاگردن جو حوصلو ٽوڙيو ويندو آهي ۽ دنياوي تعليم حاصل ڪرڻ وارن جو حوصلو وڌايو ويندو آهي، ان سوچ کي ڪيئن تبديل ڪجي؟[1]

(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،244/2)

جواب: دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته افراد يا پاڻ عالِم، مفتي ۽ قاري والدين پنهنجي اولاد جي ديني تعليم حاصل ڪرڻ تي نه صرف حوصلا افزائي ڪندا آهن بلڪ ان لاءِ ڪوششون به ڪندا آهن، پر معاشري جي عام ماڻهن جو ٻارن کي ديني تعليم ڏيارڻ جو ذهن ناهي هوندو بلڪ جيڪڏهن ٻار ديني ماحول ملڻ سبب حفظِ قرآن يا درسِ نظامي ڪرڻ چاهي ته ان کي هن طرح جا طعنا ملندا آهن ته ڇا مولوي ٿي مسجد جون مانيون ٽوڙيندين؟ عالِم ٿي ڪائيندين ڇا؟ B.A ڪر يا ڊاڪٽر يا انجنيئر ٿي ته جيئن سٺو روزگار ملي سگهئي. هي ڳالهه صرف طعنن تائين محدود ناهي رهندي، بلڪ ديني تعليم کان روڪڻ لاءِ باقاعده حربا اختيار ڪيا ويندا آهن مثلاً جيڪڏهن پٽ درسِ نظامي ۾ داخلا وٺندو آهي ته هاڻي ان کان

---

[1] هي سوال شعبہ ملفوظاتِ امير اهل سنت قائم ڪيو آهي ۽ جواب امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو عطا ڪيل آهي.

ڪمائيءَ جو مطالبو ڪيو ويندو آهي، جڏهن ته گهر ۾ معاشي تنگي به ناهي هوندي، پر ٻي طرف دنياوي تعليم ڏيارڻ جي لاءِ پهريان اسڪول ۾ ڏهه سال ۽ پوءِ ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ ڪيترائي سال ڪيسي مان پيسا ڏئي ڪري پڙهايو ويندو آهي. هن تعليمي عرصي ۾ والدين هر طرح جي سهولت ڏئي ڪري اولاد کي تعليم لاءِ بلڪل آزاد ڪري ڇڏيندا آهن. جيڪڏهن پنهنجو ذاتي ڪاروبار هجي ته ان ۾ به مداخلت کان منع ڪندا آهن ته جيئن پڙهائي ۾ ڪا رڪاوٽ نه اچي. موجوده معاشري ۾ به دنياوي تعليم حاصل ڪرڻ وارن جي خوب حوصلا افزائي ڪئي ويندي آهي. مختلف ادارن طرفان انهن شاگردن کي اسڪالر شپ ۽ نوڪريون ڏنيون وينديون آهن. اُهو ئي سبب آهي جو مدرسن ۾ پڙهندڙ شاگردن جو تعداد اسڪول ڪاليج پڙهندڙن جي مقابلي ۾ هڪ سيڪڙو به ناهي. هر گهٽيءَ ۾ اسڪول ڪليل آهن پر مدرسن جي تعداد ڳڻڻ جيتري آهي. والدين پنهنجي اولاد کي دنياوي تعليم جي رغبت ڏيڻ لاءِ شروع کان ئي هي ذهن ڏيندا آهن:

پڙهندين ۽ لکندين ته وڏو ماڻهو ٿيندين
ڪيڏندين ۽ ڪڏندين ته ٿيندين خراب

ته اهڙن والدين جي بارگاهه ۾ عرض آهي ته دنيا ئي سڀ ڪجهه ناهي، اصل آخرت آهي ۽ آخرت ۾ ڊاڪٽريٽ يا انجنيئرنگ ڪيل پٽ ڪم نه ايندو، بلڪ حافظ يا عالمِ دين پٽ شفاعت ڪندو، جيئن سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عالي شان آهي: قيامت جي ڏينهن عالِم

۽ عابد (يعني عبادت ڪندڙ) کي اُتاريو ويندو. عابد کي چيو ويندو تہ جنت ۾ داخل ٿي وڃو، جڏهن تہ عالم کي چيو ويندو تہ جيستائين اوهان ماڻهن جي شفاعت نہ ڪري وٺو بيٺا هجو" (شعب الايمان، 268/2، حديث: 1717) هي چوڻ تہ مولوي بڻجي ڇا ڪائيندين؟ اهو محض شيطاني وسوسو آهي. رزق الله پاڪ پنهنجي ذمي ڪرم تي ڪنيو آهي ۽ ديني تعليم حاصل ڪرڻ وارا دنياوي تعليم وارن جي مقابلي ۾ وڌيڪ پرسڪون زندگي گذاريندا آهن. اهوئي سبب آهي جو اڪثر اهڙيون خبرون ٻڌڻ ۾ ايندي آهن تہ فلاڻي ڊاڪٽر يا آفيسر خودڪشي ڪري ڇڏي، پر هيءَ خبر اڄ تائين نہ ٻڌڻ ۾ آئي تہ فلاڻي عالمِ دين پريشانين کان تنگ اچي موت کي ڳلي لڳائي ڇڏيو. منهنجو سالن کان چيلينج آهي تہ اهڙي ڪا مثال اڄ تائين ڪو ناهي آڻي سگهيو تہ ڪنهن عالمِ دين خودڪشي ڪئي هجي. ان جو بنيادي سبب هي آهي تہ عالمن سڳورن کي الله پاڪ جي معرفت حاصل هوندي آهي. اهي الله پاڪ کان ڊڄڻ وارا هوندا آهن ۽ سندن اها صفت قرآن پاڪ پاڻ بيان ڪئي آهي. جيئن سيپارو 22، سورة فاطر جي آيت نمبر 28 ۾ ارشادِ خداوندي آهي:

اِنَّمَا یَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُاؕ

”ترجموڪنزالايمان: الله کان ان جي ٻانهن مان اهي ئي ڊڄندا آهن، جيڪي علم وارا آهن“.

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ عالمن جا ڪيترا فضائل آهن جو

قيامت جي ڏينهن انهن کي شفاعت جو منصب ڏنو ويندو لهٰذا پنهنجي آخرت کي سامهون رکندي، سيني ٻارن کي عالمِ دين ۽ حافظِ قرآن بڻائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ايئن ممڪن نہ هجي تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻار کي تہ عالمِ دين بڻايو. الله پاڪ چاهيو تہ گهر ۽ خاندان وارن جي بخشش جو سبب بڻجي سگهي ٿو. (ملفوظات امير اهل سنت، 1/200-202)

سوال: گهٽ وقت ۾ گهڻو علم حاصل ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟

جواب: جيڪو ذهين هوندو آهي اهو گهٽ وقت ۾ وڌيڪ علم حاصل ڪري وٺندو آهي ڇوتہ ذهين جيڪو پڙهندو آهي ان کي ياد ٿي ويندو آهي جنهن جي ڪري اُن کي وقت گهٽ لڳندو آهي، جڏهن تہ جيڪو گهٽ ذهين هوندو آهي اُن کي وڌيڪ وقت لڳندو آهي. ڪعبة الله شريف جي طرف منهن ڪري ياد ڪرڻ سان جلدي ياد ٿي ويندو آهي. شيخُ الاسلام علامہ بُرهانُ الدّين ابراهيم زَرنوجي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻن طالبِ علمن جو واقعو لکيو آهي جنهن جو خُلاصو هي آهي تہ ”هڪ جڳهہ کان ٻن طالبِ علمن علمِ دين حاصل ڪرڻ لاءِ سفر ڪيو، ۽ جڏهن پڙهڻ کان پوءِ واپس آيا، تہ انهن مان هڪ وڏو عالم بڻجي آيو، جڏهن تہ ٻيو ائين نہ هو. جڏهن علماءِ ڪرام معلومات حاصل ڪئي تہ هي فرق ڇو آيو؟ تہ هي ڳالهہ سامهون آئي تہ جيڪو وڏو عالم بڻجي آيو هو اهو جڏهن بہ سبق ياد ڪندو هو يا علم دين حاصل ڪندو هو تہ هن ڳالهہ جو اهتمام ڪندو هو تہ ان جو رُخ قبلي جي طرف رهي.

تہ عُلماءِ ڪرام فيصلو ڏنو تہ ھي ڪعبي جي طرف منھن ڪري ويھڻ جي برڪت آھي. (تعليم المتعلم، ص114- راہِ علم، ص83)

ڪعبي جي طرف منھن ڪري ويھڻ سُنت آھي، (جمع الجوامع، 283/4، حديث:11876) چوتہ پيارا آقا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر ڪعبي جي طرف منھن ڪري ويھندا ھئا. (احياء العلوم، 449/2) (ملفوظات امير اھل سنت، 23/10)

سوال: علمِ دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪھڙي طرح جي ٻار کي مدرسي ۾ داخل ڪرائڻ گھرجي.؟[1]

جواب: جڏھن دين جي لاءِ انتخاب ڪرڻو ئي آھي تہ پوءِ ذھين ترين پٽ کي دين جي لاءِ منتخب ڪيو. اسان وٽ ٽيندو ايئن آھي تہ جيڪو ٻار والدين جي نزديڪ سڀ کان بيڪار ھوندو آھي، ان کي دين جي طرف موڪليندا آھن، اھو بہ بعض اوقات پنھنجي جان ڇڏائڻ جي لاءِ تہ ماءُ گھر جا ڪم ڪندي يا ھن کي سنڀاليندي، پيءُ پنھنجو ڪم ڪار ڪندو يا ان جي روزاني جي جھيڙن کي حل ڪندو. انڪري اُن کي مولوي وٽ ڇڏي اچو، ھاڻي مولانا ڄاڻي ۽ ان جو ڪم ڄاڻي. (ملفوظات امير اہل سنت، 7 /63)

سوال: چوتہ علم تي عمل نہ ڪرڻ جون ڪوڙ ساريون وعيدون آھن، لھٰذا جيڪڏھن ڪو شخص علمِ دين حاصل ئي نہ ڪري ۽ ھيئن

---

[1] ھي سوال شعبہ ملفوظاتِ امير اھل سنت قائم ڪيو آھي ۽ جواب امير اھل سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جو عطا ڪيل آھي.

چئي: ”علم حاصل ٿيندو ته عمل به ڪرڻو پوندو!“ هن حوالي سان ڪجھ ارشاد فرمايو.

جواب: ايئن سمجھڻ شيطان جو وڏو وار آهي، اهڙي طرح سڀ ماڻهو جاهل رهجي ويندا ۽ اهو سوچي ڪري ڪو به علمِ دين حاصل نه ڪندو، جو ”جيڪڏهن هن علم تي عمل نه ڪيو ته هو قاسي ويندو“ بهرحال علم به حاصل ڪيو ۽ الله پاڪ توفيق ڏي ته اُن تي عمل جي به ڀرپور ڪوشش ڪيو. (ملفوظات امير اہل سنت ، 236/7)

سوال: جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي علم تي عمل نه ڪندو هجي ته ڇا هن کي علم حاصل نه ڪرڻ گھرجي؟

جواب: اهي اعمال جيڪي فرائض ۽ واجبات مان آهن، انهن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي، چاهي ڪو عالم بڻجي يا نه، انهن تي عمل نه ڪرڻ جي ڪري ماڻهو گنهگار ٿيندو. البتہ! مستحب اَعمال يعني اهي اَعمال جن جي ڪرڻ سان ثواب ملندو هجي، پر نه ڪرڻ تي گناهه نه ٿئي انهن تي عمل نه ڪرڻ سان ماڻهو گنهگار نه ٿيندو. انسان کي گھرجي ته علم حاصل ڪري ڇوته اهو ثواب جو ڪم آهي ۽ جيترو ٿي سگھي عمل ڪندو رهي. ثواب وارا ڪم سيني کي ڪرڻ گھرجن، چاهي عالم هجي يا غير عالم. علمِ دين کان پري ڪرڻ لاءِ شيطان وسوسو وجهندو آهي، ماڻهو به مبلغين کي طعنا ڏيندا آهن ۽ گھر وارا طالبِ علم کي طعنا ڏيندا آهن ته ”پهريان پاڻ عمل ڪري وٺ، پوءِ ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏجان“ گھر وارن

ڪي ايئن نہ چوڻ گهرجي، بلڪ جيڪڏهن ڪو نيڪي جو ڪم ڪري
ته ته ان جي حوصلہ افزائي ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن هو اڄ عمل ۾
ڪمزور آهي تہ سياڻي مضبوط ٿي ويندو، پر نيڪي جي دعوت ڇڏي
ڏني تہ اڃا وڌيڪ عمل کان پري ٿي ويندو. (ملفوظات امير اہل سنت، 9/ 265-266)

سوال: اَڄڪلھ ماڻهن جي اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي جي طرف
توجھ تمام گهڻي آهي جڏهن تہ ديني مدرسن جي طرف ماڻهن جو
رُجحان گهٽ آهي، تہ ايئن ڇو آهي؟

جواب: ديني مدرسن ڏانهن ماڻهن جو رجحان گهٽ تہ ڇا پر نہ هجڻ
برابر آهي، جڏهن تہ اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون پريون پيون
آهن. ماڻهو پنهنجي ڪيسي مان لکين روپيا خرچ ڪري تعليم حاصل
ڪندا ۽ ڪاڏو بہ پنهنجي خرچ تي ڪائيندا آهن، پوءِ بہ دنيائي تعليم
ڏانهن ئي مائل آهن، جڏهن تہ ديني مدرسن ۾ مفت تعليم ڏني ويندي
آهي ۽ ڪاڏو ۽ رهائش بہ مفت ڏني ويندي آهي، ان جي باوجود ماڻهن
جو رجحان مدرسن ڏانهن گهٽ آهي. انهن حالتن کي ڏسي، اسان
دارالمدينہ قائم ڪيو آهي، جتي ديني تعليم سان گڏ دنياوي تعليم بہ
ڏني ويندي آهي تہ جيئن ماڻهو ڪنهن بہ طريقي سان دين جي ويجهو
اچي سگهن. دارالمدينہ اسڪول سسٽم جا تمام معاملات شريعت جي
دائري ۾ عالمن سڳورن جي نگراني ۾ هوندا آهن تہ جيئن انهن ۾
ڪا بہ غير شرعي ڳالھ شامل نہ ٿئي، جنهن سبب تعليم ۾ خرابي
پيدا ٿئي ۽ ٻارن جي تعليم ۽ تربيت، ذهن ۽ اخلاق تي برا اثر پون.

سيني کي گھرجي تہ اُھي پنھنجي ٻارن جي آخرت تي بہ نظر رکن، چوتہ دنيا تہ جيئن تيئن گذري ويندي. مان اھو نہ ٿو چوان تہ نعوذ باللہ توھان فاقا ڪريو، بک مرو ۽ پنو. اَلحَمدُللہ! اسان پنندا ناھيون، اسان جا ٻار بہ ڪائيندا، پيئندا ۽ پائيندا آھن. دعوت اسلامي جا جيترا بہ مبلغ آھن، انھن مان ڪو بہ بک ناھي مرندو ۽ نہ ئي ڪو پِنندو آھي، سيئي پنھنجي طور تي روزگار ڪمائيندا آھن. اسان وٽ سڀ دنياوي تعليم کان ناواقف بہ ناھن بلڪ اسان وٽ ھڪ کان وڌيڪ ھڪ دنياوي تعليم يافتہ بہ آھن.

## عالم سڳورن سان اسان جون تمام گھڻيون ضروريون وابستہ آھن

دنياوي تعليم تي سيني جو زور آھي، پر اسان ديني تعليم جي طرف وڌيڪ توجھ ڏئي رھيا آھيون تہ جيئن ماڻھو ھن طرف بہ اچن ۽ اُمَّت کي عالِم مھيا ٿي سگھن. جيڪڏھن عالم سڳورا نہ ھجن تہ اسان کي تمام گھڻي پريشاني ٿيندي. جيڪي ماڻھو ديني تعليم جي مخالفت ڪندي چوندا آھن تہ "مولوي بڻجندين تہ مسجد جون مانيون ڪائيندين" تہ مان انھن کي چوندس تہ توھان غور ڪيو، جيڪڏھن توھان پنج وقت نماز نہ ٿا پڑھو تہ اللہ پاڪ توھان کي توفيق ڏئي، توھان پنج وقتن جي نماز پڑھو پر جمعو تہ پڑھندا ھوندا؟ تہ ٻڌايو! جيڪڏھن مولوي نہ ھجي تہ ڇا ڪو آفيسر مسجد ۾ اچي توھان کي جمعو پڑھائيندو؟ يا ڪو وزير جمعو پڑھائيندو؟ يا ڪنھن مل ۽ فيڪٽري جو مالڪ جمعو پڑھائيندو؟ جمعو تہ مولوي ئي پڑھائيندو آھي. ياد رکو! مولوي توھان جي ضرورت آھي، توھان ان کي عزت ۽ مَان ڏيو. جيڪڏھن ڳالھ سمجھ ۾ نہ اچي تہ آزمايو. مري ويندؤ تہ ڪو بہ

مسٽر، آفيسر، سرمائيدار، وزير يا ڪو بہ منسٽر توهان جو جنازو نہ پڙهائيندو. اهو ئي مولوي جنازو پڙهائيندو، ۽ اهوئي مولوي توهان کي قبر ۾ لاهيندو، اهوئي مولوي سورتون پڙهي توهان کي ثواب پهچائيندو. توهان عيد جي نماز تہ پڙهندا هوندا! تہ ٻڌايو، نماز عيد ڪير پڙهائيندو؟ يقيناً مولانا ۽ عالم ئي نماز پڙهائيندا، تہ خبر پئي تہ مولانا ۽ عالم اسان جي ضرورت آهن، انهيءَ ڪري معاشري ۾ اهي بہ هجڻ گهرجن. سيئي مسجدون اهي ئي سنڀاليندا آهن نہ تہ نماز لاءِ امام ڪٿان آڻيندؤ؟ جمعو پڙهائڻ لاءِ خطيب ڪٿان آڻيندؤ؟ جيڪڏهن ڪو دنياوي لحاظ کان سنو مقرر بہ هجي، تڏهن بہ اهو جمعي جو خطبو نہ پڙهي سگهندو، چاڪاڻ تہ جمعي جو خطبو تہ مولانا صاحب ئي پڙهندو. (ملفوظات امير اهل سنت، 286-284/10)

سوال: ڪجهہ ماڻهو ائين چوندا آهن تہ "دنياوي تعليم حاصل ڪندين تہ عيش ڪندين، علمِ دين سکي مولوي بڻجندين تہ بک مري ويندين." اهو ارشاد فرمايو تہ ايئن چوڻ ڪيئن آهي؟ ۽ ايئن چوڻ وارن جي ڪهڙي انداز ۾ اصلاح ڪئي وڃي؟

جواب: دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب"[1] ۾ آهي: سوال: "دنياوي تعليم حاصل

[1] "ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب"، اميرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي هڪ مايہ ناز تصنيف آهي، جنهن ۾ 708 صفحا آهن. هن ڪتاب ۾ 398 سوال جواب ۽ 242 ڪفريہ ڪلمات جون مثالون شامل آهن، ان کان علاوه ايمان جي حفاظت جي باري ۾ ڪيئي آيتون، روايتون ۽ حڪايتون بہ درج آهن. هر مسلمان مرد ۽ عورت

ڪندين تہ عيش ڪندين، علمِ دين سکي ڪري مولوي بڻجندي تہ بک مرندين" ايئن چوڻ ڪيئن آهي؟ جواب: هن جملي ۾علمِ دين جي توهين جو پهلو نمايان آهي، ان ڪري اهو ڪفر آهي. قائل (يعني جيڪو ائين چئي رهيو آهي، اُن) تي توبہ ۽ تجديدِ ايمان لازم آهي(يعني چيل لفظن کان توبہ بہ ڪري ۽ نئين سر ايمان بہ آڻي) ۽ جيڪڏهن علم ۽ علماء جي توهين ڪرڻ ئي مقصد هو تہ قطعي ڪفر آهي، قائل ڪافر ۽ مرتد ٿي ويو ۽ ان جو نڪاح بہ ٽٽي ويو ۽ پويان نيڪ عمل بہ ضايع ٿيا." (ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب، ص 357)

بهرحال! علمِ دين، ديني ڪتاب ۽ شريعت جي توهين ڪفر آهي. (مجمع الانهر شرح ملتقي الابحر، 509/2) جيڪڏهن عالمِ دين جي توهين علمِ دين جي سبب ڪري ٿو تہ تڏهن بہ اهو ڪفر آهي. (فتاويٰ رضويہ، 129/21. مجمع الانهر شرح ملتقي الابحر، 509/2) الله ڪريم اسان سيني جو ايمان سلامت رکي.

رهي هيءَ ڳالھ تہ "جيڪو علمِ دين حاصل ڪندو آهي، اهو بک مري ويندو آهي" تہ ياد رهي تہ بک دنياوي تعليم يافتہ ماڻهو مري ويندا آهن. منهنجو وڏو پراڻو چيلينج آهي جنهن جو اجا تائين ڪنهن بہ جواب ناهي ڏنو تہ "ڪو هڪ اهڙو مثال آڻيو جنهن ۾ ڪنهن عالم يا مفتيءِ اسلام ڪڏهن خودڪشي ڪئي هجي." حالانڪ دنيا ۾ شايد روزانو هڪ منٽ ۾ ٽي ماڻهو خودڪشي ڪندا آهن، ان جي باوجود

---

ڪي پنهنجو ايمان بچائڻ جي فڪر ڪرڻ لاءِ هن ڪتاب جو مطالعو ضرور ڪرڻ گهرجي. (شعبہ هفتيوار رسالو مطالعو)

اڄ تائين ڪنهن عالم جي خودڪشي جو هڪ مثال بہ سامهون ناهي آيو. اها ڳالهہ ياد رهي تہ هتي عالم مان مراد علم جو عالم آهي، هر ڏاڙهي وارو شخص عالم نہ هوندو آهي. بي روزگاري کان تنگ ٿي خودڪشي ڪرڻ وارا عموماً مادِرن ماڻهو هوندا آهن جنهن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ عالِمِ دين خوشحال هوندو آهي ۽ ان کي ايتري ٽينشن نہ هوندي آهي، جيتري عام ماڻهو کي هوندي آهي. وڏيڪ هي تہ عالِمِ دين جي معاشري ۾ عزت بہ هوندي آهي جڏهن ايندو آهي تہ ان جا هٿ چميا ويندا آهن، احترام ڪيو ويندو آهي، سڀني ۾ عزت واري جاءِ تي ويهاريو ويندو آهي. مسجد جو امام، جيڪو عالم نہ بہ هجي، ان جي بہ عزت ڪئي ويندي آهي. جڏهن تہ اُن جي مقابلي ۾ عام ماڻهو جي ايتري عزت نہ هوندي آهي. ان ڪري اهو تصور غلط آهي تہ "دنياوي تعليم حاصل ڪندين تہ عيش ڪندين." عالِمِ دين هجڻ جو اهو مطلب ناهي هوندو تہ هو دنياوي تعليم کان اڻڄاڻ هجي، انگريزي ڳالهائيندڙ عالم سڀورا بہ موجود آهن. اسان جي دعوت اسلامي ۾ بہ هڪ کان هڪ عالم سڀورا آهن جيڪي انگريزي بہ ڄاڻيندا آهن ۽ سڀني دنياوي ڄاڻ بہ رکندا آهن.

(ملفوظات امير اہل سنت، 10/ 18-19)

**سوال:** علمِ دين ڪهڙن طريقن سان حاصل ڪري سگهجي ٿو؟[1]

**جواب:** مدني چينل ڏسڻ، عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت

---

[1] .. هي سوال شعبہ ملفوظاتِ امير اهل سنت قائم ڪيو آهي ۽ جواب امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو عطا ڪيل آهي.

اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ مڪتبة المدينہ جي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ، علمِ دين حاصل ڪرڻ جا بهترين ذريعا آهن. اهڙي طرح عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام کان شرعي مسئلا پڇڻ بہ علمِ دين حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي.

ٿي سگهي ٿو تہ اوهان ڪنهن وقت ڪنهن عالم صاحب وٽ شرعي مسئلو پڇڻ وڃو ۽ هو ڪنهن خيال ۾ وينل هجي تہ ايئن هو توهان کي چڙٻي سگهي ٿو، پر اوهان کي ان کان ڪڏهن بہ بدظن نہ ٿيڻ گهرجي. ڏسو، جيڪڏهن ڪو گراهڪ ڪنهن واپاري سان ڪڏهن سخت ڳالهہ ڪندو بہ آهي تہ واپاري ان سان بدظن ٿيڻ جي بدران ان کي سنڀالي پنهنجو سودو وڪڻندو آهي، ائين ئي اوهان کي بہ حڪمتِ عملي سان ڪم وٺڻو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٿڪاوٽ يا ڪنهن پريشاني ۾ مبتلا هجڻ سبب مسئلو پڇڻ تي عالم صاحب توهان کي چڙٻي هيءُ بہ چئي سگهي ٿو تہ "بعد ۾ پڇڻ اچو"، تہ پوءِ توهان کي بعد ۾ ضرور انهن وٽ وڃڻ گهرجي، اهو چوڻ نہ گهرجي تہ "هاڻي ٻيهر ڇو وڃان." پر جيڪڏهن هو اوهان کي 100 ڀيرا سڏي تہ توهان کي 100 ڀيرا وڃڻ گهرجي. اوهان چئو تہ "اسان عالم صاحب وٽ وڃون تہ اهو اسان کي اٿي ڪري ڳلي لڳائي، پيار سان پنهنجي جاءِ تي ويهاري ۽ پوءِ چانهہ بہ پيش ڪري." تہ هي سڀ ڪجهہ نہ ٿي سگهندو. جيڪڏهن اوهان عالم سڳورن جو ادب ڪندؤ تہ پوءِ ئي اوهان کي انهن کان ڪجهہ حاصل ٿيندو، ۽ جيڪڏهن اوهان جو دماغ "Mount Everest"نالي جبل جي چوٽيءَ تي هجي تہ هن مون کي ڇو

چڙبيو؟ هن جو موڊ چو خراب هو؟ ڇڏي ڏيو يار! مولانا ايئن ئي هوندا آهن وغيره، ته پوءِ توهان کي انهن کان ڪجهه حاصل نه ٿي سگهندو. (ملفوظات امير اہل سنت، 5 /131-132)

**سوال:** ماڻهن جي ستائڻ جي خوف کان مذهبي حُليو اختيار نه ڪرڻ يا علمِ دين حاصل ڪرڻ کان بچڻ ڪيئن آهي؟ [1]

**جواب:** معاشري ۾ اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي مذهبي نظر ايندڙ ماڻهن کي تنگ ڪندا آهن پر ياد رکو! ستائڻ وارن ته نبين سڳورن عليهمُ السّلام کي به ستايو آهي. جڏهن کان مون کي ڏاڙهي آئي آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! نه ڪڏهن ڪترائي آهي ۽ نه ئي هڪ مُٺ کان گهٽ ڪئي آهي، ستائڻ وارن ستايو پر اڪثريت عزت ئي ڏني آهي. جيڪي ڏاڙهي ڪوڙائيندا آهن، ڇا انهن کي ڪو ناهي ستائيندو! جيڪي عالم ناهن ٿيندا، ڇا انهن کي ماڻهو ناهن ستائيندا! بلڪ عام عوام تي ظلم جا واقعا ته وڌيڪ ٻڌڻ ۾ ايندا آهن، ويچارن کي قتل ڪيو ويندو آهي ۽ لاش جهنگل ۾ اڇلائي ڇڏيندا آهن، جڏهن ته عُلَماءِ ڪرام جي باري ۾ اهڙا واقعا توهان کي گهٽ ٻڌڻ ۾ ايندا هوندا. **بهرحال! ظلم ته ڪنهن سان به نه ٿيڻ گهرجي.** چوڻ جو مقصد اهو آهي ته عالم جي عزت عام ماڻهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. (ملفوظات امير اهل سنت، 3/205-206)

---

[1] هي سوال شعبہ ملفوظاتِ امير اهل سنت قائم ڪيو آهي ۽ جواب امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو عطا ڪيل آهي.

**سوال:** ڇا اولاد جي شرعي رهنمائيءَ لاءِ والدين جو تربيت يافته هجڻ ضروري آهي؟

**جواب:** **جي ها!** والدين کي ڪجهه ايندو هوندو تڏهن ئي ته اهي اولاد جي رهنمائي ڪندا. پر هتي ته " اڪثر بي علم ڏٺا وڃن ٿا"، ويچارن والدين کي به علم نه هوندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن طريقي سان اولاد کي سُني صحبت ملي وڃي، جيئن عُلَماءِ ڪرام جي بارگاهه ۾ حاضري يا دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول ملي وڃي ۽ جذبو حاصل ٿي وڃي ته اهي پاڻ ڪوشش ڪري ڪيترائي مسئلا ۽ سنتون وغيره سکي وٺندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته اولاد قابو ۾ ناهي ايندي ۽ نه ئي مسئلا وغيره ڄاڻندي آهي پر والدين کي ديني ماحول وغيره جي برڪت سان ڪيترن ئي مسئلن جو علم هوندو آهي. ايئن ٻئي صورتون معاشري ۾ **پاتيون وينديون آهن.** اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ هڪ تعداد هوندي آهي جيڪي سکيل هجڻ جي حالت ۾ والدين بڻجندا آهن ڇوته اسان وٽ گهٽي تعداد نوجوانن جي آهي، پر فرض علوم ڄاڻڻ وارن جي تعداد ٿوري هوندي. **اللّٰه ڪريم اسان سڀني کي علمِ دين جو جذبو عطا فرمائي.**

فرض علوم حاصل ڪرڻ جيئن نماز ۽ روزن وغيره جا احڪام سکڻ هڪ وڏي عبادت آهي.[1] تنهنڪري سڀني کي فرض علوم سکڻ گهرجن. دعوتِ اسلامي ۾ اَلْحَمْدُلِلّٰه! سکڻ جو هڪ ماحول ٺهيل آهي،

---

[1] .. فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: افضل عبادت دين جا مسئلا سکڻ آهي.
(جامع صغير، ص81، حديث:1280)

اسلامي ڀينرن لاءِ شريعت ڪورس ۽ ٻيا ڪورسَ ٿيندا آهن،[1] اهڙي طرح اسلامي ڀائرن لاءِ بہ ڪيترائي ڪورس موجود آهن، جن مان هڪ "فيضانِ نماز ڪورس" بہ آهي جيڪو صرف ستن ڏينهن جو آهي. ٿي سگهي ٿہ هي ڪورس ڪرڻ جي ترڪيب بڻايو، ستن ڏينهن ۾ سڀ ڪجهہ نہ ايندو پر ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور اچي ويندو ۽ وڌيڪ سکڻ جو جذبو ملندو جنهن سان اسان پڙهائي وغيره ڪري اڳتي وڌي سگهون ٿا. قرآن پاڪ پڙهڻ نٿو اچي يا تلفظ درست ناهن تہ مدرسة المدينہ بالغان ۾ اچو، جيڪڏهن گهر ويٺي سکڻ چاهيو ٿا تہ اُن لاءِ آن لائن نظام بہ موجود آهي جنهن تحت ڪيترائي ڪورس ڪرايا ويندا آهن. اڳي زماني ۾ تہ ماڻهو هزارين ميلن تائين اٺن ۽ گهوڙن تي سفر ڪري پنهنجي خرچن تي علم حاصل ڪرڻ ويندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن ڦورو بہ لُٽي ويندا هئا. پر هاڻي تہ چوٽي ئي بدلجي وئي آهي، اڳي "اجارو" ڪوهہ وٽ ويندو هو، هاڻي "ڪوهہ" اجاري جي گهر اچي چئي ٿو تہ "مون مان پيئو ۽ پنهنجي اُڃ مٽايو." پر ماڻهن جو رويو اهو آهي تہ اسان کي ناهي پيئڻو، اسان اُڃ تي ئي

---

[1] .. اسلامي ڀينرن جي مختلف مجلسن جي تحت ٿيڻ وارن ڪيترن ئي ڪورسن مان ڪجهہ هي آهن : جنت جو رستو ? ديني ڪم ڪورس ? تجويد القرآن ڪورس ? اصلاح اعمال ڪورس ? فيضان زڪوات ڪورس ? مدني قاعدو ڪورس ? نماز ڪورس ? فيضان رفيق الحرمين ? اسلامي زندگي ڪورس ? فيضان عمره ڪورس ? فيضان تلاوت ڪورس ? فيضان رمضان ڪورس ? اسپيشل اسلامي ڀينرن جو ڪورس.

مرنداسين. ائين نہ ڪيو، تمام عاشقان رسول اڳتي وڌو ۽ علم حاصل ڪريو. الله ڪري منهنجي ڳالهه دل ۾ لهي وڃي.

سوال: علمِ دين ڪنهن کان حاصل ڪجي؟[1]

جواب: علمِ دين جو خزانو صرف عاشقانِ رسول ذريعي ئي حاصل ڪيو وڃي. عاشقانِ رسول علماء ڪرام جيڪي پڪا سُني ۽ امام احمد رضا خان رحمةُ اللهِ عليه جا پيروڪار آهن، انهن جي قدمن سان چنبڙيل رهو، ان شاءَ الله توهان کي منزل ملي ويندي.

(ملفوظات امير اهل سنت، 5/131-132)

سوال: ڇا روزي صرف دنياوي تعليم ۽ ڊگريون حاصل ڪرڻ وارن کي ملندي آهي ؟[2]

جواب: توهان کي پنهنجي تجربي جي ڳالهه ٻڌايان ٿو تہ ڪيترائي وڏا سرمايہ دار ۽ سيٺ حضرات سند يافتہ (Qualified) يا تعليم يافتہ (Educated) نہ هوندا آهن. دنياوي تعليم حاصل ڪرڻ سان ئي روزي ملندي هجي ائين ناهي. روزي ڏيڻ وارو الله پاڪ آهي، اُهو ئي سيني کي روزي ڏيڻ وارو آهي. اهو ٻڪيو اُٿاريندو ضرور آهي پر ٻُکيو سمهاريندو ناهي. پکي (Birds) بہ صبح خالي پيٽ نڪرندا آهن

---

[1] .. هي سوال شعبہ ملفوظاتِ امير اهل سنت قائم ڪيو آهي ۽ جواب امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو عطا ڪيل آهي.

[2] .. هي سوال شعبہ ملفوظاتِ امير اهل سنت قائم ڪيو آهي ۽ جواب امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو عطا ڪيل آهي.

۽ شام جو پيٽ پري واپس ايندا آهن، اهو ئي ڪيڙي ڪي ذرو، هاٿي ڪي مَڻ ۽ وهيل (Whale) مڇيءَ کي ٽَن عطا فرمائيندو آهي.[1] توهان ڪيئي دنياوي طور تي پڙهيل لکيل ماڻهن جي باري ۾ ٻڌو هوندو ته انهن بي روزگاريءَ جي ڪري خودڪشي ڪئي پر ڪنهن عالم جي باري ۾ اوهان ڪڏهن ايئن نه ٻڌو هوندو. اهو مان طنزيه نه ٿو چوان بلڪ سمجهائڻ لاءِ چئي رهيو آهيان ته جيڪي ديني علم رکن ٿا انهن کي حقير نه سمجهو، اهي به الله جا چڱا ٻانها آهن.

(ملفوظات امير اهل سنت، 206-205/3)

**سوال:** ڇا تعليم دوران ڪو هنر، جهڙوڪ ڪمپيوٽر ڊيزائننگ يا ڪمپوزنگ وغيره به سکي وٺڻ گهرجي؟

**جواب:** هنر ۽ علم ٻئي هجڻ گهرجن، پر ياد رکو! هن علم مان مراد علمِ دين آهي، يعني سيني ڪان پهريان فرض علوم ۽ پنهنجا ضروري عقيدا سکي ان کان پوءِ ضرورتاً ٻيا علوم جيئن مختلف ٻوليون وغيره سکي. پڻ هنر به جائز هجي ۽ جنهن ڪان هنر سکي رهيو هجي ان کان سکڻ به جائز هجي، نه ته هنر ته وياج جو به سکيو ويندو آهي! (ملفوظات امير اهل سنت، 421/7)

**سوال:** جيڪو شخص عالمِ دين نه هجي، پر گهر ۾ ڪجهه نه ڪجهه مذهبي ۽ اسلامي ڪتاب رکندو هجي ته ڇا ان کي ثواب ملندو؟

1.. هڪ ٽن ۾ 28 مَڻ هوندا آهن ۽ هڪ مَڻ ۾ 40 سير هوندا آهن جڏهن ته هڪ سير 1 ڪلو گرام کان ڪجهه گهٽ هوندو آهي.

جواب: ڇو نہ ملندو؟ جيڪڏھن اھو ديني ڪتاب پڙھندو آھي ۽ علمِ دين سان محبت رکندو آھي تہ بلڪل ثواب ملندو. عالم نہ ھجڻ گناھ ناھي، ظاھر آھي ھر ماڻھو عالم ٿي بہ نٿو سگھي ۽ ھر ھڪ تي عالمِ دين ٿيڻ فرض بہ ناھي[1]. (ملفوظات امير اھل سنت، 139/4)

سوال: توھان کي ڏنو ويو آھي تہ علمِ دين سيکارڻ لاءِ وڏي جذبي جو اظھار ڪندا آھيو، ان جو ڇا سبب آھي؟

جواب: اللّٰہ پاڪ اخلاص نصيب فرمائي. مون کي علمِ دين سان محبت آھي ۽ علماءِ دين سان پيار آھي. انسان علمِ دين ئي جي ذريعي انسان بڻجندو آھي، جيڪڏھن علمِ دين کان محروم ھجي تہ حيوانن جھڙيون حرڪتون ڪندو آھي. علمِ دين حاصل ڪرڻ جا وڏا فضائل آھن. ڪجھ فضائل پيش ڪيان ٿو:امام ابن عبد البر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا تہ پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ''خُذُوْا عَنِّيْ، خُذُوْا عَنِّيْ'' يعني مون کان علم حاصل ڪيو، مون کان علم حاصل ڪيو. (جامع بيان العلم وفضلہ، ص156) نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يومِ نحر (10، 11 ۽ 12 ذوالحجة الحَرام کي "اَيّامِ نَحر" چيو ويندو آھي) تي پنھنجي سواري تي جمري جي رمي ڪئي ۽ فرمايو: مون کان حج جا احڪام سکو، ڇوتہ مون کي خبر ناھي، شايد مان ھن سال کان پوءِ حج نہ ڪري

---

[1] ياد رکو! ھر مسلمان عاقل ۽ بالغ مرد ۽ عورت تي اُن جي موجوده حالت جي مطابق مسئلا سکڻ فرض عين آھي. (فتاوی رضويہ،624/23)

سگهان. (جامع بيان العلم وفضله، ص156-157) مولا علي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ فرمائن ٿا: ڇا کو آهي جيڪو مون کان علم جي باري ۾ سوال ڪري ته جيئن پاڻ فائدو حاصل ڪري ۽ ٻين کي به فائدو پهچائي؟ (جامع بيان العلم وفضله، ص157) عظيم تابعي بزرگ حضرت سعيد بن جبير رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ فرمايو: مون کي هن ڳالهه جي وڏي فڪر آهي ته ماڻهو مون کان علم حاصل ڪن. (جامع بيان العلم وفضله، ص160) حضرت امام حسن بصري رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ جي باري ۾ لکيل آهي ته هو ماڻهن کي علم سيکارڻ ۾ پهل ڪندا ۽ فرمائيندا هئا: مون کان سوال ڪيو. (جامع بيان العلم وفضله، ص160) تابعي بزرگ حضرت عُروه رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ فرمائن ٿا: انسانو، مون وٽ اچو ۽ علم حاصل ڪيو. (جامع بيان العلم وفضله، ص161) **تابعي بزرگ حضرت عڪرمہ** رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ فرمائيندا هئا: توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو مون کان سوال نٿا ڪريو؟ ڇا توهان غريب ۽ نادار ٿي ويا آهيو؟ (جامع بيان العلم وفضله، ص161)

**حضرت سفيان ثوري** رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: جيڪڏهن طالب علم مون وٽ اچي علم حاصل نہ ڪندا تہ خدا جو قسم! مان پاڻ سندن گهر وڃي علم سيکاريندس. ڪنهن عرض ڪيو: حضور! علم حاصل ڪرڻ ۾ انهن جي چڱي نيت تہ هوندي ناهي. فرمايائون: انهن جو علمِ دين حاصل ڪرڻ ئي چڱي نيت آهي. حضرت امام شافعي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ فرمائن ٿا: جيڪڏهن منهنجي وس ۾ هجي ها تہ علم کي پاڻي ۾ ملائي ڪري ماڻهن کي پياري ڇڏيان ها.

(جامع بيان العلم وفضله، ص162)

بهرحال! سيني کي علمِ دين جي حرص هجڻ گهرجي. دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ هفتيوار سنتن ڀريا اجتماع، مدني مذاڪرا ۽ درسِ فيضانِ سنت وغيره علمِ دين ئي جا حلقا آهن هنن ذريعي علم حاصل ٿيندو آهي. الله توفيق ڏئي ته جامعة المدينہ ۾ داخلا وٺو، إِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! عالم بڻجي ويندؤ ۽ وڏو علم حاصل ٿيندو. الله ڪري اسان ۾ علم جي حرص پيدا ٿئي. (ملفوظات امير اهل سنت، 4/224-225)

سوال: دنياوي ترقي نہ ملڻ جي خوف کان علمِ دين حاصل ڪرڻ کان ڪيٻائڻ ڪيئن آهي؟[1]

جواب: ڪي ماڻهو علمِ دين حاصل ڪرڻ کان ان ڪري ڪيٻائيندا آهن جو دنيا ۾ ترقي نہ ملندي. شايد اهي قبر ۽ آخرت جي ترقي کان بي خبر آهن اُن ڪري اهي پنهنجي اولاد کي بہ دنياوي ترقي ڏيارڻ لاءِ علمِ دين کان محروم ڪري ڇڏيندا. ياد رکو! علمِ دين حاصل نہ ڪرڻ وڏي غلطي ۽ نقصان جو سودو آهي. جڏهن توهان پنهنجي پٽ کي صرف دنيا جي تعليم ڏئي دنيا مان هليا ويندؤ ۽ توهان جو پٽ توهان کي ايصالِ ثواب ڪرڻ چاهي بہ تہ نہ ڪري سگهندو، ڇو تہ کيس قرآنِ پاڪ پڙهڻ ناهي ايندو. جيڪڏهن توهان پنهنجي پٽ کي دين دار ۽ عالم بڻائي ويندؤ تہ هو ايترو چڱو پڙهندو جو جڏهن هو توهان جي قبر تي ايندو تہ توهان چوندؤ تہ هي هتان نہ وڃي، بس

---

[1] .. هي سوال شعبہ ملفوظاتِ امير اهل سنت قائم ڪيو آهي ۽ جواب امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو عطا ڪيل آهي.

منهنجي ويجهو ويهي تلاوت ڪندو رهي. جيڪڏهن توهان پنهنجي پٽ کي صرف دنياوي تعليم ڏياري هوندي تہ هو توهان جي قبر تي اچي تلاوت ڪيئن ڪندو؟ جيڪڏهن هو تلاوت ڪري توهان کي ايصالِ ثواب ڪري تہ توهان کي ان وقت ثواب ملندو جڏهن ان کي ملندو ۽ ان کي تلاوت جو ثواب ان صورت ۾ ملندو، جڏهن ان کي صحيح قرآن پاڪ پڙهڻ ايندو. جيڪڏهن پٽ تلاوت دوران اهڙيون غلطيون ڪيون جن جي ڪري سموري معنيٰ ئي غلط ٿي وئي تہ توهان کي ثواب ڪٿان ملندو؟ (ملفوظات امير اهل سنت، 10/283-284)


سوال: اَلْحَمْدُ لله! مدني مذاڪرن مان گهڻو علمِ دين سکڻ لاءِ ملندو آهي، ان کي ياد رکڻ جو ڪو آسان حل ٻڌايو.

جواب: الله ڪريم اسان جو حافظو مضبوط ڪري. جنهن ڳالهہ تي اسان سنجيده (Serious) هوندا آهيون، اها ڳالهہ ياد رهندي آهي. جيئن ناشتي جو وقت ياد رهندو آهي ڇوتہ اسان ان ۾ سنجيده هوندا آهيون. منجهند جي ماني جو وقت بہ معلوم هوندو آهي ڇو جو اسان ان کي اهميت ڏيندا آهيون. فجر جي جماعت جو وقت ڪهڙو آهي؟ جيڪڏهن اهو ياد ناهي تہ شايد اسان ان ۾ سنجيده ناهيون ۽ جماعت سان نماز پڙهڻ لاءِ ويندا ناهيون . الله ڪري تہ اسان علمِ دين جي باري ۾ سنجيده ٿي وڃون ۽ ان کي هلڪو نہ وٺون، بلڪ ان کي پنهنجي لاءِ ضروري سمجهون. اِن شاءَ الله، هن طرح حافظو مضبوط ٿيندو. (ملفوظات امير اهل سنت، 5/235)

سوال: ڇا جنت ۾ بہ علم ۾ اضافو ٿيندو؟

جواب: جي ها! بيشڪ علم الله پاڪ جي هڪ نعمت آهي، لهٰذا جنت ۾ علم ۾ اضافو ٿيندو. (ملفوظاتِ امیرِاہلِ سنت، 451/1)

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net